ڊاڪٽر عائشه سريوال

# نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج

## Sindhi Society in the stories of Najam Abbbasi

**Abstract**

In Sindhi literature, Najam Abbasi is recognized for his distinct identity as a writer of short stories that highlight societal inequalities and injustices. He is considered a social realist whose literary work gives meaning to harsh social realities and provides a voice for oppressed classes. As a trained medical doctor, Najam Abbasi remained connected to society. In both his roles as a doctor and a writer, he diagnosed biological ailments as well as social issues. He developed a profound awareness of the social and economic struggles faced by individuals and the masses. The analysis of his stories reveals a compelling depiction of the oppression experienced by underprivileged classes. Unlike a fatalistic approach, Najam Abbasi does not portray social issues, violation of rights, or dominance as mere outcomes of fate. Instead, his work focuses on social and economic inequalities as the root causes of social ills and oppression. This research paper seeks to analyse the representative role of Najam Abbasi in creating progressive and socially realistic dimensions within his stories.

نجم عباسي سنڌيءَ جو اهڙو ليکڪ آهي، جنهن مختصر ڪهاڻيون لکي، سماج جي لاهن چاڙهن، اڻ برابري ۽ ناانصافين کي عيان ڪيو آهي. هو صحيح معنيٰ ۾ هڪ سماجي حقيقت نگار آهي، جنهن سماج جي ڪڙين منين حقيقتن کي بامعنيٰ ۽ مظلوم طبقن جي حق ۾ چٽيو آهي. پيشي ۾ ڊاڪٽر هئڻ ناتي سماج سان سنڌس گهرو لاڳاپو رهيو. ايئن هڪ ئي وقت اديب ۽ ڊاڪٽر هئڻ جي حيثيت ۾ بيمارن سان گڏ سماج جي نبض کي بہ جاچيندو رهيو. ماڻهن وسيلي فرد توڙي اجتماع جي سماجي ۽ معاشي حالتن کان گهري نموني واقفيت حاصل ڪيائين. هن جي ڪهاڻين جو جائزو وٺبو تہ هر ڪهاڻي هيٺئين طبقي تي ٿيندڙ ظلمن جو داستان بيان ڪندي ملندي. هو سماجي براين، حق تلفين ۽ ڏاڍ کي مقدر يا لکئي جو ليک نٿو سمجهي، ان ۾ سماجي ۽ معاشي اڻ برابريءَ کي ذميوار سمجهي ٿو. ان سماجي براين کي ظاهر ڪرڻ سان گڏ ماڻهن ۾ انهن خلاف جاڳرڻ ۽ وڙهڻ جو شعور بہ پيدا ڪري ٿو. هو پنهنجيءَ تخليق ۾ بيحد ڪليل طريقي سان اظهار

ڪري ٿو ۽ انتهائي بيباڪيءَ سان لکي ٿو. هو علامتن، تمثيلن ۽ تجريد بجاءِ ابلاغ کي اهميت ڏئي ٿو. غفور ميمڻ جي چوڻ موجب:

”نجم عباسي واحد ڪهاڻيڪار آهي، جنهن هميشه ڪريون ۽ سچيون ڳالهيون ڪيون آهن. هو ڪٿي به سمجهوتي يا علامت نگاريءَ جو سهارو نه ٿو وٺي. ان جو انداز سائنسي انداز سان سوچڻ وارو هو جنهن ڪري هو انسان کي سندس فطري ۽ جديد دور مطابق تبديل ٿيندڙ تعميراتي انسان ڏسڻ ٿو چاهي.“ (1)

هن جي ڪهاڻين جا موضوع ظلم، هيٺئين طبقي جو ٿيندڙ استحصال، سماجي برايون، پيرپرستي، وهمن، عقيدن ۽ وسوسن جو شڪار فرد، مٿئين طبقي جو ڏاڍ، سماجي نابرابري ۽ سنڌي سماج جون فرسوده ريتون رسمون آهن. هو اهي سڀ ڳالهيون جاڳرتا ۽ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ جي خيال کان ڪري ٿو. اهو شعور جيڪو ويڙهه ۽ بغاوت سيکاري، هن جي افسانن ۾ طبقاتي نظام سان نفرت جابجا نظر ايندي. ڊاڪٽر نور افروز خواجه جي چوڻ موجب ته:

”ڊاڪٽر نجم عباسي هڪ حقيقت نگار وانگر معاشري جي براين تي نگاهه رکي ٿو ۽ زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن رخ کي ظاهر ڪري ٿو. پر ان ۾ هن جي طبقاتي نظام جي خلاف جدوجهد واري سوچ سمايل آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن جي هر تصنيف ۾ فرد سان ٿيندڙ ظلم جو داستان پيش ڪيل آهي. ان ڪري هن جي لکڻين جا ڪردار شاگرد، هاري، مزدور، ڪلارڪ، هيٺئين ۽ وچين ڪلاس جا ماڻهو آهن.“ (2)

هن وٽ زندگيءَ جا گوناگون موضوع به آهن. هن زندگيءَ ۾ آيل ڪيترن ئي ڪردارن، حالتن ۽ واقعن کي پنهنجن ڪهاڻين جو موضوع بڻايو آهي. البته هن جو هيرو عام ماڻهو ئي آهي. نجم عباسي نه رڳو حقيقتن کي بيان ڪري ٿو پر انهن مسئلن کي سلجهائڻ جا طريقا ۽ حل پڻ ٻڌائي ٿو. هن وٽ تبديليءَ ۽ آزاديءَ جو حل سماجي ۽ سياسي انقلاب ۾ آهي. اڪبر لغاريءَ جي چوڻ موجب:

”ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کي سڄاڻ اديب ان ڪري چيو ويندو آهي ته هو ڌرتي ۽ ان جي ماڻهن جي مسئلن کي سمجهڻ سان گڏوگڏ انهن جا حل پڻ ٻڌائي ٿو.“ (3)

نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون غريب عوام جو اهو بلند آواز آهن، جيڪي شاهوڪار، سرمائيدار، پيرن، زميندارن ۽ جاگيردارن خلاف هڪ طاقتور تحريڪ طور ڪم ڪن ٿيون. غريب عوام سان ٿيندڙ هر انصافيءَ جي ترجماني نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين ۾ سگهاري طريقي سان ملندي. نجم عباسي ڪليل اظهار باوجود ڪهاڻيءَ جي فني نزاڪتن جو بہ خيال رکيو آهي. جيتوڻيڪ ڪن هنڌن تي اهي ڪهاڻيون نعري بازيءَ جي شڪ هيٺ بہ ڏٺيون وڃن ٿيون، پر هن حقيقتن کي پنهنجي خيال ۽ جذبي سان ڳوهي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏنو آهي. هر ماڻهو وٽ دنيا کي ڏسڻ جي پنهنجي اک ۽ ان کي پرکڻ لاءِ عليحده سوچ هوندي آهي. نجم عباسي بہ پنهنجيءَ اک سان ڏسي ٿو. هر فن جو ڄاڻندڙ پنهنجا پنهنجا نظريا رکي ٿو جنهن جو هن کي مڪمل حق آهي. اهڙا نظريا نجم عباسيءَ وٽ بہ آهن. هڪ افسانہ نگار طور هو سماج کي جنهن اک سان ڏسي ٿو جنهن ادراڪ سان پرکي ٿو ان جي بنياد تي ڪهاڻيءَ جي رٽا جوڙي، ان کي لفظن ۽ اسلوب جو ويس پهرائي، پيش ڪري ٿو. نجم عباسيءَ جي خاص خوبي اها آهي تہ هو تخيل ۽ تصور تي حقيقت کي فوقيت ٿو ڏئي. افسانويت بجاءِ حقيقت پسنديءَ تي يقين ٿو رکي. ان ڪري سندس پلاٽ حقيقي، واقعا حقيقي، ڪردار حقيقي، مڪالما حقيقي ۽ ڪشمڪش بہ حقيقي ملندي. ان ۾ سمورو حسن هو اسلوب سان ٿو پيري. هن جي ڪلا هن جي انداز بيان ۽ اسلوب مان ظاهر ٿئي ٿي. نجم عباسي خود چوي ٿو تہ:

> ”اوطاق ۾ بابي صاحب ۽ سندس سنگتين جي ڪچهري متل هئي. مان بہ ويٺو هوس. ڪنهن هڪ حاجيءَ جو واقعو ٻڌايو جو هن کي حج تي پنڌ ويندي، واٽ تي پيش آيو هو. اهو واقعو اهڙي دلچسپ پيرايي ۽ پُراسرار ڍنگ ۾ بيان ڪيو ويو جو مون کي بيحد مزو آيو ۽ ڏاڍو متاثر ٿيس. تڏهن تي ئي مون کي خيال آيو ۽ اتي ويٺي ئي ان خيال اجهل جذبي جي صورت اختيار ڪئي، ان واقعي کي ڪهاڻيءَ جو ويس پارائي لکان- لکڻ پڙهڻ سان دلچسپي اڳ ئي هئي. اتان اٿي گهر پهچي، پهريون ڪم اهو ڪيم جو ان واقعي ۾ ڪجهہ ڦير گهير ڪري، مرچ مصالحو ملائي، ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ لکي پيش ڪيم.“ (4)

هن واقعي مان نجم عباسيءَ جي تخليقي محرڪن جو اندازو ٿئي ٿو. ان طرح هن سماج ۾ جيڪو ڪجهہ ڏٺو آهي، ان کي چٽو ڪيو اٿس. پنهنجي شعور ۽ تخليقي سگهہ مطابق هر سماجي وارتا، مسئلي ۽ برائيءَ کي ڪهاڻيءَ ۾ جاءِ ڏني اٿس. هن جي سوچ

تخيلي دنيا ۾ ڀٽڪڻ بجاءِ حقيقي دنيا ۾ گھمندي نظر ايندي. هو آس پاس جي ماحول ۾ جهاتي پائڻ جو قائل آهي ۽ ظاهري توڙي پوشيده ڦٽن تان پردو کڻندو اڳتي وڌي ٿو. هن جي هر ڪهاڻي ڪنهن نه ڪنهن مقصد تحت لکيل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ داخلي ڪيفيتن بدران خارجي حالتن ۽ واقعن جو عڪس سرس نظر اچي ٿو. هن هڪ ماهر ۽ جراح وانگر سماج جي مختلف بيمارين ۽ حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ تمام سهڻي نموني ڪئي آهي. هو پنهنجن ڪهاڻين جو محرڪ توڙي مقصد هيئن ٿو ٻڌائي: ”جاگيرداري، سرمائيداري ۽ پرماري سماج ۾ برائي انسان جي ضرورت آهي. ضرورت جي بار هيٺ ئي انسان برائي ڪري ٿو. ان ڪري سماج مان برائي ڪيڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته پرماري نظام جي پاڙ پٽي وڃي.“ (5)

سماج جي هر مسئلي کي سچائي، ايمانداري ۽ پنهنجي تجربي آڌار پيش ڪندي هن ڪئين ڇرڪائيندڙ ۽ سماج جا اونداها پاسا به روشنيءَ ۾ آندا آهن. نجم عباسيءَ جو جنم 18 آڪٽوبر 1927 تي ٿيو ۽ 1995ع ۾ گذاري ويو. هو هڪ گهڻي لکندڙ ڪهاڻيڪار طور مقبول هيو. سندس ڪهاڻي ڪتابن ۾ ”طوفان جي تمنا“ (1969)، ”پٿر تي ليڪو“ (1973)، ”جيڪي منهنجي من ۾ آهي“ (1977)، ”ناچڻي“ (1978)، ”ايڏو سور سهي“ (1978)، رشتا ناتا (1981)، ”سورج هوندي مرجهايل“ (1982)، ”للڪار“ (1983)، پروفيسر (1984)، مٽي سنڌ سڪار (1988)، منهنجون بهترين ڪهاڻيون (1991)، پاڻ ۾ وڻا آهيون“ (1992)، ”اوچا ڳاٽ پهاڙن جا“، ”ڪهاڻيون/انٽرويو“ (1993) ۽ ”دل وارن جي دنيا“ (تماهي مهراڻ ۾ ڇپيل سندس ڪهاڻيون، مرتب: يوسف سنڌي) شامل آهن. هن جي ڪهاڻي ڪتابن ۾ ”طوفان جي تمنا“ (1969) بيحد اهم مجموعو آهي، جنهن ۾ پير پرستي، مذهبي رواداري، ورهاڱو غربت سبب پيش ايندڙ سانحا تخليقي انداز ۾ پيش ٿيل ملندا. چوڏو، دعا ۽ تاڙيون، ملو ۽ ڪاليجي، حادثا جن سبق سيکاريو، ڪوريءَ جي ڪهاڻي، رانديڪو، هاٺوڪو خاندان وغيره سنڌي ادب جي تاريخ جون اهم ڪهاڻيون آهن. ڪجھ ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪجي ٿو.

**چوڏو**: ٻهراڙين ۾ رهندڙ اڪثريت جو عقيدو ۽ اعتبار پيرن ۽ ولين ۾ هوندو آهي. هو پنهنجي اڻجهائي ۽ سادگيءَ سبب انهن مان هرهڪ کي ڪاني ڪرامت جو صاحب سمجهي، ڪانئن فيض پنڻ لڳندا آهن. هر بيماري ٻڙيءَ ۾ ٽوٽا ڦيٽا، پاڻي پڙهائڻ، سڳا وٺائڻ ته عام ڳالهه آهي، پر علاج معالجي لاءِ مزارن جي مٽي، وڻن جا پَن ۽ چوڏا به استعمال ڪندا آهن. هو درگاهن تي وڃي پنهنجون مرادون گهرندا آهن. اولاد ۽ پٽن جو دعائون پنندا آهن. بيماريءَ ۾ پيرن تي اٺ اٺ راتيون وڃي رهندا آهن. پوءِ اتان ڪو اشارو ملڻ جي وهم تي

موتي ايندا آهن. نجم عباسيءَ جي ”چوڏو“ ڪهاڻي پڻ ان پس منظر ۾ ئي لکيل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ آهي ته:

”پٽڙا، منهنجي واسطي سائين سباجهي پير جي ڪنبيءَ جو چوڏو آڻجانءِ، هونءَ ته تپ چڏيندم ئي ڪو نه.“ (6)

انهن پيرن سان ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۾ ڪرامتون منسوب ڪيون هونديون آهن. جيئن منجهن ڪرامت سمجهي ماڻهو انهن کي پوڄڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. ٻهراڙي ۾ اڪثر ڪيترائي ابوجهه ماڻهو مزارن تي وڃي سجدا پڻ ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن وڻ سان يا جڳهه سان انهن جو ڪو به ڪرامت جهڙو واقعو منسوب هوندو، ته ان وڻ کي به ڪرامتي سمجهڻ لڳندا آهن. ان ڪهاڻي ۾ پڻ پير سباجهي شاهه جو واقعو بيان ڪيل آهي:

”چون ٿا ته هڪ دفعي سائين سباجهي شاهه ان ڪنبيءَ جي وڻ هيٺان اچي منزل ڪئي هئي ۽ اتي ئي هڪ انڌي کي ڪرامت سان سجو ڪيو هئائين. ان کان پوءِ ان وڻ اهو سلسلو شروع ٿيو.“ (7)

ان بعد اهو وڻ يا جاءِ پراسرار ۽ ڪرامتي تصور ٿيڻ لڳي. ماڻهو بي خياليءَ ۾ به ان جي بي حرمتي ڪرڻ کان ڊڄڻ لڳا هئا، ته متان ان جي نتيجي ۾ ڪو نقصان نه پهچي. پوءِ اهڙا ڪئين قصا به گهڙجڻ لڳا: فلاڻي هي عمل ڪيو ته ڪيس فلاڻو نقصان پهتو. اهي ڳالهيون ۽ قصا وهمن مان وڏي عقيدن جي درجي کي ڇهڻ لڳندا آهن ۽ ايئن ماڻهو خوف جي غلامي ڪرڻ شروع ڪندا آهن. ان ڪنبي لاءِ به اهڙيون ئي روايتون عام هيون. اهي روايتون نسل در نسل هلنديون، وڌنديون ۽ هر نسل جي ذهن ۾ خوف ۽ حراس جي وڻ ويڙهي ٻڌجنديون رهيون. ڪنهن کان ڪا غلطي به ٿي وڃي، ته ان جو سڪ ڦٽي وڃي ته هاڻ ڇا ٿيندو. هن ڪهاڻيءَ جو بنياد به اهو ئي پلاٽ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پوڙهي عارب ماءُ بيمار ٿي پوي ٿي ۽ تندرست ٿيڻ لاءِ پنهنجي عقيدي موجب هڪ نوجوان کي سباجهي شاهه جي ڪنبيءَ جو چوڏو آڻي ڏيڻ لاءِ ٿي چوي. نوجوان پنڌ ۽ خفي کان بچڻ لاءِ ڪيس سباجهي شاهه جي ڪنبيءَ بجاءِ ڳوٺ جي پر واري عام ڪنبيءَ جو چوڏو آڻي ٿو ڏئي. پر جلد ئي ڪيس اهو وهم ورائي ٿو وڃي ته يا عارب ماءُ کي ڪجهه ٿيندو يا مون کي ڪو نقصان پهچندو. ان ڪري نوجوان رستو ئي تبديل ڪري ٿو ڇڏي. هو ڪيل بي حرمتيءَ جي بنياد تي ڪنهن نه ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسڻ جي وهم ۾ ورتل ٿو رهي. جيئن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريل آهي:

”مون رواجي ڪنبيءَ جي وڻ جي چوڏي کي سباجهي شاهه واري ڪنبيءَ جو چوڏو ڪوني نه فقط ڪوڙ ڳالهايو آهي، پر سائين واري

ڪندي ۽ خود سائينءَ جهڙي وليءَ جي بي حرمتي ڪئي آهي. هاڻي مان پڇتائي رهيو هوس يا ان ڊپ کان ڪنبي رهيو هوس تہ مون تي ڪا بہ مصيبت نازل ضرور ٿيندي.“[8]

ٻئي طرف پوڙهي پنهنجي عقيدي سبب ڇوڪري ٻڌي ٿي تہ هن جو ذهن ڪيس پرسڪون ڪري ٿو ڇڏي ۽ ڇوٿين پنجين ڏينهن بلڪل تندرست ۽ سرهي ٿي وڃي ٿي. ڇوڪرو آٽيندڙ ڪردار ان وهم ۾ ورتل هيو تہ پوڙهي شايد وڏيڪ بيمار ٿي پئي آهي، جو گهر بہ نہ آئي آهي. ضرور ان جو گناهہ مون کي ٿيندو. پر جڏهن ڪجهہ ڏينهن ۾ پوڙهيءَ کي سرهو ڏٺائين تہ حيران ٿي ويو. مٿان پوڙهيءَ جي ڳالهہ ٻڌي، ويتر وائڙو ٿي ويو. پوڙهيءَ اعتماد سان اچي چيو تہ:

”پٽ شابس هجئي، مون ان وقت ئي تنهنجو آندل ڇوڪرو اڳڙيءَ ۾ وجهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو هو. تپ وري منهنجو نالو بہ نہ ورتو. صدقي وڃان سائين سچاجهي شاهہ جي نانءَ تان.“ مان وائڙو ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳس.“[9]

نجم عباسيءَ جون ان موضوع تي ڪي ٻيون ڪهاڻيون بہ ملن ٿيون، جن ۾ پير جو لوڻ، ڪرامت، قدم چمڻ لاءِ وغيره شامل آهن. اهي ڪهاڻيون سنڌي سماج ۾ پير پرستي، انڌن عقيدن ۽ وسوسن جهڙن مسئلن تي ٻڌل آهن.

**دعاءِتاڙيون**: نجم عباسيءَ جي هن ڪهاڻيءَ جو موضُوع مذهبي نوعيت جو آهي، پر ان ۾ هن پنهنجي فڪر ۽ خيالن جو اظهر ڪيو آهي. هر سماجي حقيقت نگار مذهب جي معروضي پاسن ۽ ان سان لاڳاپيل ڪردارن جي ذهني روين ۽ دٻاون جي پس منظر کي جاچيندو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ دينداري ۽ پاڪيزگيءَ جي جهالت تي ٻڌل تصوير جو عڪس چٽيو ويو آهي، جنهن جو دين توڙي مذهبي احڪامن سان ذري برابر بہ واسطو نہ آهي. ڪهاڻيءَ جو پس منظر هڪ واقعو آهي، جنهن لاءِ نجم عباسي پاڻ ئي لکي ٿو:

”مان گهڻو ڪري پنهنجي ڪهاڻيءَ جو بنياد پنهنجي شخصي آزمودي، ڏٺل گهٽنا، ٻڌل واقعي يا ڄاتل سڃاتل شخص تي رکندو آهيان. مثال طور: دعا ۽ تاڙيون واري ڪهاڻي هينئين واقعي کان متاثر ٿي لکيم. جڏهن مان لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ ڊاڪٽر هئس، تڏهن اتي هڪڙي زخمي عورت کي آندو ويو. هن پنهنجي زناني عضوي کي چري سان وڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن جي عمر 25 سال هئي ۽ اها اجا اڻ پرڻيل هئي. ائين ڪرڻ جو سبب پڇيم تہ جواب مليو مائي

ڏاڍي ديندار هئي. پرهيزگار آهي، ۽ روزي نماز جي پابند. شايد ڪو روحاني جذبو چڙهيس، جو ائين ڪري وڏائين.“ (10)

هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مرد ڪردار ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو شديد مذهبي هجڻ يا هر وقت عبادتن ڪرڻ سبب ڪنهن عورت کي ڏسڻ يا منهن پوڻ کي به گناهه سمجهي ٿو. مثان مختلف مذهبي ماڻهن جي بي علميءَ تي ٻڌل ڳالهين ۽ ستي جتيءَ جي ڪهاڻين کي ٻڌڻ سبب پنهنجو مردانو عضوو ئي ڪٽي ٿو ڇڏي. ڪردار کي ايترو ته مومن ڏيکاريو ويو آهي، جو هو الله جي ذڪر کان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪم يا انساني گهرج کي ضروري نٿو سمجهي. عورت کي شيطان ۽ نفرت ڪندڙ سمجهي ٿو جيڪا مرد کي ورغلائي ۽ خراب ٿي ڪري، هو ماڻهن سان ميل جول ختم ٿو ڪري، پر عورت کان ته کيس سخت نفرت آهي. ڪهاڻيءَ ۾ آهي ته:

”هن جوانيءَ ۾ قدم رکيو. نوان امنگ جاڳيا ۽ نيون خواهشون بيدار ٿيون. پر زال ذات کان هن جي دل ۾ هڪڙي قسم جي ڌڪار پيدا ٿي چڪي هئي. جنهن ماحول ۾ جائو نپنو هو جيڪو مطالعو ڪيو هئائين، ان مان انهي انومان تي پهتو هو ته عورت گناهه جي جَڙ آهي. هن جي ويچهڙائي مرد کي دين ايمان مان ڪڍيو ٿي ڇڏي ۽ عورت ئي حضرت آدم کان بهشت ڇڏرايو.“ (11)

اهڙا ڪردار فرسٽريشن ۽ ذهني دٻاون ۾ جيئندا آهن. مذهبي ماڻهن پاران دين جي غيرعلمي تشريح، انساني زندگي ۽ سماج جي فرضن ۽ ذميوارين کان پڇڻ، فقط ۽ فقط ديندارِيءَ تي زور ۽ عورتن ۽ مردن کي هڪ ٻئي لاءِ غير محرم ۽ حرام سمجهڻ جو نتيجو محرومين جي صورت ۾ نڪري ٿو. ٻئي طرف ڪتابن جو اثر به انساني ذهنن تي گهڻو پوي ٿو. اصل ۽ بنيادي مذهبي ماخذن بجاءِ مختلف فرقن جي ملن جون لکيل چوپڙيون پڙهڻ سان ماڻهن جا ذهن جهڙيءَ ريت متاثر ٿين ٿا، هيءَ ڪهاڻي ان جو ڏکوئيندڙ پاسو ڪڍي آئي آهي.

نجم عباسي هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار کي به اهڙن مذهبي ڪتابن جي زيرِ اثر ڏيکاريو آهي.

”هن کي مذهبي ڪتابن مان معلوم ٿيو هو ته ڪيترن وڏن وڏن ولين ۽ پهتل بزرگن ساري عمر شادي نه ڪئي. عورت ذات کان پري رهيا. شيطان کان پڇجي. انهن ڳالهين مان ائين سمجهيو ته جنسي خواهشن کي دٻائڻ ئي ڇوٽڪارو آهي. خدا جو دوست به اهو ئي آهي.“ (12)

ٻئي طرف انساني فطرت آهي، جيترو بہ ڪنهن جبلت، خيال يا خواهش کان پري ڀڄبو اها ايتروئي شدت سان وڪوڙڻ لڳندي آهي. انهن خواهشن کي دٻائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ئي ماڻهو ذهني نفسياتي ۽ جذباتي بحرانن جو شڪار بڻبو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار سان بہ ايئن ئي ٿئي ٿو:

”هڪڙي ڏينهن تہ نسورو غضب ٿي ويو. هن جي سامائل ڀيڻ غسلخاني ۾ وهنجي رهي هئي. گهر ۾ ٻيو ڀير موجود ڪا نہ هئي. هن جي دماغ ۾ خيالن جي اٿل پٿل هئي. هن کي پنهنجو تن من تپندو محسوس ٿيو. پوءِ هو جڻ تہ سوچڻ سمجهڻ جي سگهہ وڃائي ويٺو. هن جا هٿ پاڻمرادو ڪرسي ڏي وڌي ويا. اها کڻي هو غسلخاني وٽ پهتو. ان تي چڙهي هڪ ننڍڙي ڳڙکيءَ مان ليئاڪا پائڻ لڳو.“ (13)

هيءَ فرسٽريشن ۽ ذهني ۽ جنسي بي راهہ رويءَ جي بدصورت شڪل آهي. پر اهو سڀ انهن تعليمات جو نتيجو آهي، جيڪي انسان جي ازلي ۽ بنيادي جبلي خواهشن تي پهرا ويهارن ٿيون. جڏهن بہ ڪا هڪ غلطي ٿيندي آهي، تڏهن ان جي ازالي لاءِ ماڻهو ڪيترين ئي نين ۽ ڏوهہ جهڙين غلطين ما گذرندو آهي. ڪيترن ئي وهمن ۽ وسوسن سبب انسان پاڻ کي مصيبتن جي منهن ۾ ڏئي ڇڏيندو آهي. هڪ مصيبت کان بچڻ لاءِ ٻي مصيبت جي ور چڙهي ويندو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار بہ ڄاڻايل غلطيءَ جو ازالو ان ريت ڪيو:

”تيز پاڪي سان ’گناهہ جي سلي‘ کي ئي ڪٽي وڌائين. ائين ڪندي هن کان رڙ نڪري وئي ۽ هو بيهوش ٿي ڪريو. ماڻهن سڀ ڪجهہ اچي اکين سان ڏٺو.“ (14)

نجم عباسيءَ هڪ سماجي حقيقت نگار جي حيثيت ۾ هڪ اهڙي موضُوع کي ڪهاڻيءَ ۾ ڇيڙيو آهي، جيڪو عام طور ممنوع ٿيل تصور ڪيو ويندو آهي. هو اڄ سڌيءَ ريت ۽ بنا ڪنهن تبليغ جي جنس بابت جهالت تي ٻڌل مذهبي تاويلن کي رد ڏئي ٿو. سندس اهڙيون ڪهاڻيون ٻيون بہ لکيل ملن ٿيون، جن ۾ قلب اندر ڪعبو ڇوٽڪاري جي وات، امين گل وغيره شامل آهن. مذهبي سختين ۽ پابندين انساني جذبات ۽ محرومين کي ڪيئن اپاريو آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪهڙا هاڃا ٿيا آهن، اها روداد انهن ڪهاڻين ۾ ڏنل آهي.

**مُلوڪاليجي**: نجم عباسيءَ جي هيءَ ڪهاڻي سماج ۾ رهندڙ اهڙن ماڻهن جي زندگين جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪي پاڻ تہ ٻڪ تي بہ رهندا آهن، پر ملن جي ٻڌايل

ڳالهين تي لڳي، پنهنجي پيٽ جو ٽڪر جهان ڇڏي ويندڙ مٽن مائٽن جي ختمي لاءِ رکندا آهن. اهي مزدور هاري، سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري ڪمائين ۽ رات جو بي ايمان، ڪاهل ۽ ڪم چور ماڻهن جو پيٽ ڀرين. هن ڪهاڻيءَ ۾ مزدورن، هارين، مسترين جي زندگين جي عڪاسي ڪيل آهي، جيڪي جهوپڙين ۾ رهن ٿا ۽ خدا جا حقيقي دوست آهن، پر مذهبي ماڻهن جي غلط ڳالهين ۽ تشريحن ٻڌائڻ تي پنهنجي وات جو گرهه ختمي جي نالي ۾ ملان کي ڏيڻ تي مجبور ٿيو وڃن. ملان وري غريبن کان ماني وٺي پاڻ ته کائي ٿو پر بچيل ٽڪر پنهنجي چوپائي مال جي اڳيان اڇلائي ٿو ڇڏي. ائين به نه ته ڪٽي ڪنهن غريب جي ٻار کي ڏئي، جيئن ان جو ويلو ٽري وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ مذهب جي نالي ۾ غريب ماڻهن جي استحصال ۽ ڦرلٽ کي موضُوع بڻايو ويو آهي. نيٺ ان صورتحال کي پڙهيل لکيل ماڻهو سمجهي وٺن ٿا ۽ ملي آڏو اٿي بيهن ٿا. ڪاليجي ڇوڪرا، ملي کان پڇ پڇان ۽ طنز پڻ ڪن ٿا ته اها ماني اسان جي وڏڙن تائين ڪيئن پهچندي آهي. اها طنز هڪ قسم جي تنقيد آهي، جيڪا ليکڪ جو اصل مقصد به آهي، دراصل هو ٻڌائڻ گهري ٿو ته اهي ڳالهيون هٿ ٺوڪيون آهن ۽ ماڻهن کان وات جو گرهه کسڻ جي هڪ صورت آهن. نجم جي هيءَ ڪهاڻي جيئن ته بغاوت ۽ شعور ڦهلائڻ جو ڪم ڪري ٿي، تنهن ڪري سماجي حقيقت نگاريءَ جو بهترين مثال آهي. ڪهاڻي ۾ آهي ته:

> ”ڪنهن ٻارهن ورهين جي ٻار پڇيو ته ماني ڪيئن ٿي وڃي اسان جي مُئلن ڏي. ڪاليجي جواب ڏنو. هيڏانهن ٻڌ. اسين ٽپال جي دٻي ۾ لفافو يا ڪارڊ وجهندا آهيون ته وڃي مالڪ کي ملندو آهي. اهڙيءَ طرح ملن جو ڪشادو پيٽ به ليٽر باڪس آهي. جيڪو به اسين فوت ٿيل عزيزن کي ڏيندا سين، اهو به ملي جي پيٽ ۾ پوڻ سان انهن کي وڃي رسندو.“ (15)

هيءَ سموري ڪهاڻي ملن جي ڪردار جي منفي رخن کي عيان ڪري ٿي. ڳوٺ وارا انهن تي ڪيئن اعتبار ڪندا آهن ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو انهن جي اصليت تان ڪيئن پردو کڻي سگهن ٿا، هن ڪهاڻيءَ جو اصل بنيادي موضوع آهي. ملن جي نڪمائي، مفت خوري ۽ مذهب جي آڙ ۾ غريب ماڻهن سان ٺڳين کي هيءَ ڪهاڻي شدت سان اپارڻ جو ڪم ڪري ٿي.

**حادثا**: نجم عباسيءَ هيءَ ڪهاڻي 1960ع ڌاري لکي ۽ 1965ع ڌاري ”نئين زندگي“ رسالي ۾ شايع ٿي.غربت، بک، بيروزگاري ۽ بدحالي غريب ماڻهن سان ڪهڙا ڪلور ڪندي آهي، ان کي منهن لاءِ ماڻهو ڪيترين مشڪلاتن مان گذري ٿو هن ڪهاڻيءَ ۾

جابجا پڙهڻ لاءِ ملندو. ٻارن جي پالنا ۾ ٻن وقتن جي ماني‌ءَ لاءِ ڪو شخص ڪيترن سانحن، تڪليفن ۾ المين ٿو ۽ زندگي ڪيس ڪيئن مايوسي‌ءَ طرف ڌڪي ٿي، ليڪڪ هن ڪهاڻي‌ءَ ۾ ڀرپور نموني چٽيو آهي. البته پلاٽ فلمي نوعيت جو محسوس ٿئي ٿو. ڪهاڻي‌ءَ جو مرڪزي ڪردار هر روز ڪنهن ڪاموري، فلم اسٽار يا ڪنهن امير جي گاڏي سان وڃي ٽڪرائجي ٿو. پوءِ اهي پنهنجي جان بچائڻ لاءِ مرهم پٽي ڪرائڻ سان گڏ ڪيس ٻه ٽي رپيا خرچي ڏئي، هليا وڃن ٿا ته جيئن پوليس ڪارروائي ڪان بچي سگهن. هڪ لحاظ کان هي‌ءَ نڪمائي ۽ بي همٿي‌ءَ کي به ظاهر ڪري ٿي. نجم عباسي لکي ٿو:

”سائين مون جهڙي دائمي بيمار ۽ ڪمزور ڪان ڪمڙو ڪم ٿي سگهندو يا مون ٻي واهي کي ڪير نوڪري ڏيندو. ڪوشش ته مون گهڻي ڪئي. بس سمجهو ته ڪڏهن مزوري ڪندو آهيان. پيٽ جي باهه وسائڻ لاءِ ڪجهه ته ڪرڻو پوي ٿو. هن جا جواب فلم گونگو جا رٽيل جملا هئا. مون مشڪيو. مون کي هن غريب ۽ زماني جي ستايل انسان جو بار بار حادثن جو شڪار ٿيڻ سمجهه ۾ اچي ويو هو.“ (16)

نجم عباسي ٿلهي ليکي ڪهاڻين ۾ غريب ماڻهن جي زندگين ۽ مسئلن جي عڪاسي ڪئي آهي. هن ڪهاڻي‌ءَ ۾ به ساڳئي ئي طبقي جي ماڻهن جي المين ۽ ڪوتاهين جي کول ڪئي اٿس. هو ان لاءِ رڳو سرمائيدار، وڏيري ۽ مٿئين طبقي کي به ذميوار نٿو قرار ڏئي، جيئن عام طور ترقي پسند ڪندا آهن. البته هو خود هيٺئين طبقي جي ڪمزورين ۽ ڪوتاهين تي به تنقيد ڪري ٿو. پر جيئن ته هو سماجي حقيقت نگار آهي، تنهن ڪري ڪٿي نه ڪٿي امير ۽ غريب جي فرق کي به واضح ڪري ٿو ۽ ٿيندڙ استحصال ۽ زيادتين تي مٿئين طبقي کي تنقيد جو نشانو بڻائي ٿو. هن غريب ماڻهن جي قسمت کي هن طرح واضح ڪيو آهي:

”سائين! اسان غريبن جي قسمت ئي غريب آهي. شاهوڪارن جون موٽرون به اسان جي ئي مٿان چڙهن. هو پنهنجي دولت جي نشي ۾ اهو ڪو نه ڏسن ته ڪو انسان آهي. بس حضور، اسين لڪڻي‌ءَ جو پيا پوڳيون، جو قسمت به ائين ئي آهي.“ (17)

**سبق جن سيڪاريو**: هي‌ءَ ڪهاڻي عياش مردن جي زندگين ۽ انهن جي عياشي‌ءَ جي نتيجن جي ترجماني ڪري ٿي. سماج ۾ عورت کي فقط جنس طور ڏسندڙ مرد ڪڏهن

ڪڏهن پاڻ بہ حادثن جو شڪار ٿي وڃن ٿا, اهو هن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ آهي.. ڪهاڻي انهن ماڻهن جي لاتعلقي ۽ غيرذميواريءَ جي هاڃن جو بہ احاطو ڪري ٿي, جيڪي اولاد کي نوڪرن جي حوالي ڪري پاڻ عياشيون ڪندا رهندا آهن. ٻئي رخ کان ڏسجي تہ مائٽن جي ڏوهن جي سزا اولاد کي ڀوڳڻي پوندي آهي. ڪنهن ٻئي جي نياڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ سان پنهنجي گهر جي عزت بي آبرو ڪيئن ٿي بچي سگهي ٿي, اهو هن ڪهاڻيءَ جو اهم پهلو آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار هڪ عياش شخص آهي, جنهن جي زندگي عورتن جي جسمن سان کيڏندي گذري ٿي ۽ اهو ڏسي نوڪرن ۾ پڻ حوس جاڳي ٿي. هو بہ مختلف عورتن جي پٺيان پئجن ٿا. عورت نہ ملڻ تي مالڪ جي معصوم نياڻيءَ کي ئي حوس جو نشانو بڻائين ٿا:

”رمضان صاحب جي پهلو ۾ هر قسم جي عورت ڏٺي. ڀراڙيءَ واري ڀولي عورت, نيم عيان, ميم صاحبہ, لعل بازار جي ڪسبياڻي, غراري سان, ڪاري برقعي ۾ گلابي ڳٽن واري عورت قاتل ۽ ميرن ڪپڙن واري نوجوان فقيرياڻي. هو وڏو آفيسر هو ان ڪري ان کي هر مال ملي سگهندو هو.“ (18)

هن ڪهاڻيءَ جو هڪ ڪردار نوڪر آهي, جيڪو پنهنجي مالڪ کي عياشي ڪندي ڏسي ٿو تہ منجهس بہ حيواني خواهش ۽ حوس جاڳي ٿي۽ رات ڏينهن انهن ئي خيالن ۾ رهي ٿو. ڪيترين ئي عورتن کي خواب ۾ ڏسندو رهي ٿو پر هڪ ڏينهن پنهنجي حوس لاءِ مالڪ جي ٻارهن سالن جي ڌيءَ سان زيادتي ڪري ٿو.

”هڪڙي ڏينهن جڏهن گهر ۾ ڀيو ڪو ڪو نہ هو ماهتاب جي معصوميت جو فائدو وٺندي, هن جي اندر ۾ آگ جو ڪورو ٻرڻ لڳو.. هڪ لمحي لاءِ هن جي ڪن ۾ ڊرائيور جي گفتگو گونجڻ لڳي... پوءِ هن ماهتاب تي مجرمانو حملو ڪيو. هن گهٽيون ئي رڙيون ڪيون, پر ان وقت ٻڌڻ وارو ڪير هوا!“ (19)

نجم عباسي پنهنجي ڪهاڻين ۾ تلخ حقيقتن تان پردو کڻندي, لڪل المين جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪي اسان جي سماج ۾ ڏينهنون ڏينهن وڌندا پيا وڃن. انسان جيڪو پوکيندو, اهو ئي لڻندو. ليڪڪ اڻ سڌيءَ ريت اهو پيغام ٿو ڏئي ۽ بظاهر مذهب ۽ سماج جي مڪروه صورت ۽ ڪڌن عملن بابت آئينو ٿو ڏيکاري.

**ڪوريءَ جي ڪهاڻي**: هيءَ ڪهاڻي نجم عباسي خانواهڻ ۾ رهڻ دوران 1948ع ڌاري لکي هئي. هيءَ ڪهاڻي سياسي پس منظر ۾ لکيل آهي. هن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي

تہ سياست ۾ اهي ماڻهو ايندا آهن، جيڪي هڪ تہ ڇٽ، جاهل يا ظالم هوندا آهن ، ٻيو غريب عوام جي ڏک سور کان بلڪل نا واقف هوندا آهن. وٽن غلط ۽ صحيح کي سمجهڻ جي اهليت نہ هوندي آهي. جيتوڻيڪ نجم عباسي پاڻ سياسي سوچ جو مالڪ آهي، پر پنهنجي ملڪ ۽ علائقي جي سياسي حالتن جو تجزيو هن طرح ٿو ڪري:

> ”آءُ سچ ٿو چوان تہ هنن کي انسان ڪوٺڻ ئي حيوانيت آهي. ۽ اهي ئي حيوان اسان جي مٿان حڪومت هلائيندا آهن. اسان واسطي قانون ٺاهيندا، بگهڙ کي ٻڪرين جي ڌڻ جو پاسبان بنايو ٿو وڃي. بوٽ ڳنڍڻ واسطي بہ قابليت ۽ آزمودي جي ضرورت آهي. مگر حڪومت هلائڻ واسطي ڪا بہ قابليت لازمي نہ آهي.“ [(20)]

هن ڪهاڻيءَ ۾ ان احساس کي اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سياستدان هڪ پڙهيل لکيل ماڻهو هجڻ کپي. جيڪو انساني مسئلن، ملڪي مسئلن ۽ سياسي مسئلن جي ڳنڀيرتا کي ڄاڻندڙ هجي، ۽ مسئلن جو حل پڙهيل لکيل ماڻهن وانگي ڪيڍي اچي. هيءَ ڪهاڻي سياسي نظام ۽ حڪومتي سرشتي تي عدم اطمينان کي ظاهر ڪري ٿي. ليڪڪ هن ڪهاڻيءَ ۾ غريب ۽ هيٺئين طبقي جي ماڻهن جي سياسي سوچ ۽ ذهني روش کي بہ ظاهر ڪيو آهي، جيڪي سياستدانن جي نااهلين ۽ غلط پاليسين سبب نسل درنسل پوڳي رهيا آهن. هيءَ ڪهاڻي سماجي تبديليءَ جي خواهش کي بہ اڀارڻ جو ڪم ڪري ٿي.

**رانديڪو**: نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ”رانديڪو“ 1953ع ڌاري لکي وئي آهي. ساڳئي سال ”نئين زندگي“ رسالي ۾ شايع ٿي. ”رانديڪو“ ٻي جوڙ شادين جي موضُوع تي لکيل ڪهاڻي آهي، جيڪي اسان جي سماج ۾ روز جو معمول آهن. اڪثر ڏيءُ کي ٻار سمجهي، ڪڌهن پاڻ کان ننڍي ٻار جي حوالي ڪري ڇڏيندا آهن يا ڪنهن 80 سالہ پوڙهي جي ور چاڙهي ڇڏيندا آهن. معصوم نياڻيءَ جي دل ۾ خوابن جي دنيا نهيل دنيا تباهہ ٿي ويندي آهي. جيئن ڪو زلزلو يا بم ڪنهن عمارت کي تباهہ ڪري ڇڏيندو آهي، ٻي جوڙ شادي نياڻيءَ جي وجود کي ايئن ڊاهي ڦٽي ڪندي آهي. ان موضوع کي نجم عباسيءَ شاندار نموني ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. هر ڇوڪري جي خواهش اها هوندي آهي تہ ان جو همسفر خوبصورت ۽ نوجوان هجي، جيڪو هن جي خواهشن ۽ ضرورتن کي سمجهي، هڪ سٺو ساٿي بڻجي سگهي، هڪ سٺو دوست ٿي سگهي. جيئن هن ڪهاڻيءَ ۾ عورت ڪردار جي خواهشن کي ظاهر ڪيو ويو آهي.

”هوءَ پنهنجي هستيءَ کي نامڪمل محسوس ڪرڻ لڳي. هن کي شديد ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. هڪ دوست جي، سگهاري ساٿي جي، هڪ اهڙي همسفر جي جنهن سان هٿ ۾ هٿ ڏيئي، زندگيءَ جون منزلون، دشوار مرحلا اطمينان ۽ آرام سان طئي ڪري سگهي.“ (21)

پر ڪٽنب جي غلط فيصلن سبب ايئن ٿي نٿو سگهي. ڪئين مجبورين جون زنجيرون سامهون اچن ٿيون ۽ ڇوڪريءَ کي اهي پوڳڻيون پون ٿيون. اسان جي سماج ۾ ته عورت جي زندگيءَ جو فيصلو ٻين جي هٿن ۾ هوندو آهي. هو سوچڻ وسيلي پلي ته محل ناهي چڙهي، پر هن کي خبر هوندي آهي ته سندس زندگيءَ جا فيصلا هن جي پنهنجي هٿ ۾ نه هوندا آهن. مڙس بجاءِ ڪو به فرد رانديڪي جيان هن جي زندگيءَ ۾ وقت گذاريءَ لاءِ داخل ڪيو ويندو آهي:

”خيالي دنيا ۾ هوءَ اهو وساري ويهدي هئي ته هو اهڙي سوسائٽي جي فرد هئي، جنهن ۾ هن کي ۽ هن جهڙين ٻين عورتن کي پنهنجو رفيق حيات چونڊڻ يا پسند ڪرڻ جو ڪو به حق ڪو نه هو. هن کي ساٿي نه پر رانديڪو مليو هو.“ (22)

اهڙي ئي قسم جي هڪ ٻي ڪهاڻي آهي، ”عمر شادي جي سزا“، جيڪا پڻ بي جوڙ شادين جي موضُوع تي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ زال مڙس شاديءَ جي ٻنڌڻن ۾ ته ٻڌل آهن، پر انهن جون طبيعتون پاڻ ۾ نٿيون ملن، جنهن سبب سندن ڪٽنبي ۽ جذباتي زندگي مسئلن جي ور چڙهيل آهي. نجم جون ڪهاڻيون ”ديسي سيڻ ڪجن“، ”هٿ ڪڙيون“ ۽ ”پٽر تي ليڪو“ وغيره ديسي ماڻهن ۽ خاص طور سنڌي ٻوليءَ بابت لکيون ويون آهن. هو ٻڌائڻ چاهي ٿو ته ڌاري ٻولي ڪيئن اصلوڪن رهواسين جي ٻوليءَ جو استحصال ڪري ٿي. هڪ ٻولي ئي هڪ وطن جي رهاڪن جي دلين کي ويجهو آڻيندي آهي. نجم عباسيءَ جون قوم پرستيءَ واريون ڪهاڻيون انقلابي نوعيت جون آهن، جن ۾ سنڌي سماج ۾ سجاڳي ۽ تبديليءَ لاءِ تڙپ، ڪوشش ۽ شعور ملندو. ڊاڪٽر ريحانه نظير، نجم عباسيءَ تي لکيل پنهنجي پي ايڇ ڊي جي مقالي ۾ لکي ٿي: ”نجم عباسي تقريبن 25 کان مٿي ڪتاب ۽ ٽي سئو کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون، جن جا موضوع سياسي ۽ سماجي ظلمن ۽ روڳن جهڙوڪ: قومي ۽ رياستي جبر، سرمائيداري، جاگيرداري نظام جي منافقي، لوڀ ۽ لالچ ۽ ان جي پورائي لاءِ هر طرح جي ڪڌائي، ڪميڻائپ، ظلم ۽ دهشت جو مظاهرو ڪرڻ ۽ گڏوگڏ سنڌي ماڻهن جي سادگي، جهالت، بک، بيروزگاري، تعليمي شعور جي

گھٽتائي سبب پيرن، مرشدن ۽ ملن جي سازشن ۽ مڪارين، انڌن عقيدن ۾ مبتلا ٿيڻ ۽ عورتن کي ذاتي ملڪيت تصور ڪرڻ جهڙن مسئلن سان پرپل نظر اچن ٿا. هن انهن سمورين برائين خلاف ڪلم ڪلا بغاوت ڪري، انهن برائين کي معاشري مان روڙي، ڪرڙي صاف ڪري، ماڻهن کي زندگيءَ جي صحتمند اصولن ڪان متعارف ڪرائي، ترقي پسند اديب جي صحيح معنيٰ ۾ تشريح ڪئي ۽ پڙهندڙن کي هڪ نئين ۽ منصف سماج جوڙڻ جو فڪر ۽ فلسفو ڏنو. ادب جو ترقي پسند منصب ۽ مقصد بہ اهو آهي.“ (23)

اها ڳالهہ درست آهي تہ نجم عباسي هڪ آدرشي ليکڪ آهي، جنهن جون ڪهاڻيون غريب ماڻهن جي زندگيءَ کي بدلائڻ جي آرزو رکن ٿيون ۽ هڪ اهڙوڳ سماج اڏڻ چاهن ٿيون، جيڪو ظلم، جبر ۽ استحصال ڪان آجو هجي.

## حوالا:


1. ميمڻ، عبدالغفور، ڊاڪٽر، 2002ع: سنڌي ادب جو فڪري پس منظر، شاهہ عبداللطيف چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.
2. خواجہ، نوور افروز ،ڊاڪٽر، 2010ع: ورهاڱي ڪان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، شيخ شوڪت اينڊ سنز ڪراچي
3. لغاري، اڪبر، 2010ع: سنڌي ادب جو مختصر جائزو، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو
4. عباسي، نجم، 1969ع: طوفان جي تمنا، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، ڄامشورو
5. عباسي نجم، 1993ع: جبل مٿي باهڙي(مرتب: يوسف سنڌي)، سچائي اشاعت گهر، دڙو
6. عباسي، نجم، 1969ع: طوفان جي تمنا، سنڌ يونيورسٽي پبليڪيشن، ڄامشورو، ص 9
7. ساڳيو ص 10
8. ساڳيو ص 13
9. ساڳيو ص 14
10. ساڳيو ص 5
11. ساڳيو ص 57
12. ساڳيو ص 58
13. ساڳيو ص 51
14. ساڳيو ص 58
15. ساڳيو ص 70
16. ساڳيو ص 147
17. ساڳيو ص 144

18. ساڳيو ص 73
19. ساڳيو ص 19
20. ساڳيو ص 23
21. ساڳيو ص 58
22. ساڳيو ص 51
23. نظير، ريحانه ڊاڪٽر، 2016ع: نجم عباسي جديد انقلابي فڪر جو ترجمان، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد